رجب المرجب 1446ھ/ دسمبر 2024ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن




(مفتي ابو محمد علي اصغر عطّاري مدني)

## پائڻ جي لاءِ ڪپڙا ڪرائي تي وٺڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالمَ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ڪجھ دڪاندار شادي ۾ پائڻ جي لاءِ تيار ڪيل(Readymade) ليڊيز سوٽ ڪرائي تي ڏيڻ جو ڪم ڪندا آهن، ڇا اسان جو ڪرائي تي تيار ڪيل(Readymade) ڪپڙا وٺڻ شرعي طور جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** تيار ٿيل ليڊيز سوٽ شادي ۾ پائڻ جي لاءِ طئي ٿيل اُجرت جي عيوض ڪرائي تي وٺڻ جائز آهي.

فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: ”اذا استاجرت المراۃ درعا لتلبسه ایاما معلومة ببدل معلوم فهو جائز“ يعني: جيڪڏھن ڪنھن عورت زنانه قميض معلوم ڏينهن تائين پائڻ جي اِرادي سان معلوم معاوضي جي بدلي ڪرائي تي ورتي ته هي جائز آهي. (فتاویٰ عالمگیری، 465/4)

صدرالشريعه بَدرُ الطّريقه مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”ڪپڙي کي پائڻ جي لاءِ ڪرائي تي وني سگھي ٿو. (بہار شریعت، 128/3)

**تنبيهه: انهن ڪپڙن کي پنهنجا ذاتي ڪپڙا ٻڌائي ڪوڙ ڳالهائڻ، جائز ناهي.**

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

**مهينو پورو ٿيڻ کان پهريان ملازم کي اُجرت ڏيڻ**

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالمَ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته منهنجي ڪمپني ۾ ڪيترائي ماڻهو ڪم ڪندا آهن جن کي مان ماهوار پگهار ڏيندو آهيان، ۽ انهن کي ڪم تي رکڻ وقت به اهو ئي طئي ڪيو ويندو آهي ته پهريان پورو مهينو توهان ڪم ڪندا، ان کان بعد پگهار ملندي. پر ڪجهه ملازم پنهنجي ضرورت تحت مهينو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي ڪجهه پگهار جو تقاضو ڪندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن مان ڏئي ڇڏيندو آهيان ۽ ڪڏهن ناهيان ڏئي سگهندو. ڇا نه ڏيڻ جي صورت ۾ مان گنهگار ٿيندس ۽ حق العبد ۾ گرفتار ٿيندس؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پُڇيل صورت ۾ ملازم کي رکڻ وقت ئي جڏهن ملازم کان پگهار جي متعلق هي طئي ٿي ويندو آهي ته پهريان پورو مهينو توهان ڪم ڪندا، ان کان پوءِ پگهار ملندي ۽ هر مهيني ايئن ٿيندو ته مهينو پورو ٿيڻ تي ئي ملازم کي پگهار ڏيڻ لازم آهي، ان کان پهريان پگهار يا ان جو ڪجهه حصو ڏيڻ لازم ناهي، لهٰذا نه ڏيڻ جي صورت ۾ اوهان گنهگار نه ٿيندا. البت ملازمن جو ايڊوانس پگهار طلب ڪرڻ قرض جي هڪ صورت آهي. ضرورت مند کي قرض ڏيڻ به هڪ سٺي نيڪي آهي. جيڪڏهن گنجائش هجي ته اهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي البت ائين ڪرڻ عام حالتن ۾ واجب ناهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

**قرض واپس ڪرڻ جا گواهه نه هجن ته اختلاف ڪيئن ختم ڪيون؟**

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالمَ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته زيد مون کي قرض طور رقم ڏني پوءِ ڪجهه عرصي کان بعد مون اها رقم زيد کي واپس ڪئي پر زيد جو چوڻ آهي ته مون کي منهنجي رقم واپس ناهي ڪئي. اسان ٻنهي وٽ ڪو به شاهد موجود ناهي. اهڙي حالت ۾ شريعت اسان جي ڪهڙي رهنمائي ڪري ٿي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ اوهان تي لازم آهي تہ اوهان رقم جي ادائيگي تي شاهد پيش ڪريو. جيڪڏهن اوهان شاهد پيش ڪري ڇڏيا تہ اوهان قرض جي ادائيگيءَ کان آزاد ٿي ويندؤ. شاهد نہ هجڻ جي صورت ۾ زيد کان قسم ورتو ويندو تہ ان رقم وصول نہ ڪئي. جيڪڏهن زيد قسم کڻي ٿو تہ اوهان تي لازم ٿيندو تہ زيد کي قرض جي ادائيگي ڪريو. جيڪڏهن زيد قسم کڻڻ کان انڪار ڪري ٿو تہ پوءِ توهان تي ادائيگي شرعي طور تي لازم نہ هوندي.

صدر الشريعہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه لکن ٿا: ”جيڪڏهن دائن(قرض ڏيندڙ) قرض جي دعوا ڪئي ۽ قرض وٺڻ وارو چئي ٿو تہ مون ايترا روپيہ تو ڏانهن موڪلي ڇڏيا هئا يا فلاڻي شخص بنا منهنجي چوڻ جي قرض ادا ڪري ڇڏيو، تہ قرض وٺندڙ جي ڳالھ قبول ڪئي ويندي ۽ قرض ڏيندڙ کان قسم ورتو ويندو.“ (بهار شريعت، 1024/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالمَ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ مون پنهنجن دوستن کان برابر برابر پئسا گڏ ڪيا ۽ مون پاڻ بہ پئسا ملايا ۽ انهن پئسن مان سيني جي لاءِ فارم هائوس بڪ ڪرايو سواري ۽ کاڌي وغيره جو هڪجهڙو انتظام ڪيو پر آخر ۾ ڪجھ پئسا بچي ويا. ڇا مان اهي بچيل پئسا پاڻ وٽ رکي سگهان ٿو يا پنهنجي دوستن کي واپس ڪرڻا پوندا؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ جيڪي پئسا بچيا آهن اهي پاڻ وٽ رکڻ جائز نہ آهن. اهي پئسا توهان وٽ امانت آهن. ڇو تہ دوستن سيني برابر برابر پئسا ڏنا هئا، تنهن ڪري توهان تي لازم آهي تہ اهي بچيل پئسا برابر پنهنجي دوستن ۾ ورهايو. ڇوتہ توهان دوستن طرفان فارم هائوس بڪ ڪرائڻ، کاڌي ۽ سواري جو انتظام

ڪرڻ ۾ وڪيل (نمائندا) هئا ۽ وڪيل انهن شين جا جيترا پئسا خرچ ڪندو ايترا ئي موڪّل (وڪيل بڻائيندڙ) جي حق ۾ نافذ ٿيندا.

وڪيل امين هوندو آهي تنهنڪري مؤڪّل پاران ڏنل پئسن مان جيڪي بچندا آهن، اهي به وڪيل وٽ امانت هوندا آهن جن کي پاڻ وٽ رکڻ جائز نہ آهي اهي واپس ڪرڻ ضروري آهن.

صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: ”وڪالت جون هي معنائون آهن تہ جيڪو خرچ پاڻ ڪندو، ان ۾ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو قائم مقام بڻائي ڇڏي.“ (بهار شريعت، 974/3) ۽ لکن ٿا: ”وڪيل يا مضارب کي جيڪو مال ڏنو ويندو آهي، اهو امانت آهي.“ (بهار شريعت، 711/3)

وَاللہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# حقوق العباد جي اهميت

سيد محمود رضوي

اسلام ڪامل ۽ مڪمل دين آهي ۽ هن جي مقبوليت جو هي عالم آهي جو اهو انساني زندگي جي هر شعبي تي غالب آهي. حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ عملي زندگي جي باري ۾ جيڪي هدايتون ڏنيون آهن. انهن کي بنيادي طور تي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. هڪ اهو جنهن جو تعلق حقوقُ الله سان آهي، يعني ٻانهن تي الله پاڪ جو ڪهڙو حق آهي ۽ ان بابت انهن جا فرائض ڪهڙا آهن؟ ٻيو حصو اهو جنهن جو تعلق حقوق العباد سان آهي، جنهن ۾ ان معاملي تي روشني وڌي وئي آهي ته ٻانهن تي ٻين ٻانهن جا ۽ عام مخلوق جا ڪهڙا حق آهن ۽ هن دنيا ۾ جڏهن هڪ انسان جو ٻئي انسان يا ڪنهن به مخلوق سان واسطو ۽ معاملو ٿيندو آهي ته ان جو ان سان ڪهڙو رويو هجڻ گهرجي ۽ ان بابت الله جا ڪهڙا احڪام آهن. هتي هي خصوصي طور تي قابلِ ذڪر به آهي ۽ غور و فڪر جي مستحق به جو جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حقن جي ادائيگي ۾ ڪوتاهي يا ڪمي ٿي وڃي ته هو معاف ڪندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. جيڪڏهن چاهي ته پنهنجي حقن کي پاڻ معاف فرمائي ڇڏي پر جيڪڏهن هڪ انسان ٻئي انسان جي حق تلفي ڪري ٿو يا ظلم ۽ زيادتي ڪري ٿو ته ان جي معافي ۽ ان کان نجات ۽ آزادي جو معاملو الله پاڪ هيئن مقرر فرمايو آهي. يا ته حقدار جو حق ادا ڪيو وڃي يا ان کان معافي وَرتي وڃي.

جيڪڏهن انهن ٻنهي مان ڪا ڳالهه هن دنيا ۾ نہ ٿئي سگهي تہ آخرت ۾ لازمي طور هن جو بدلو ڏيڻو پوندو. حقوق العباد جي اهميت ۽ ان معاملي ۾ ڪوتاهي جي سختي جو اندازو حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هن ارشاد مان لڳائي سگهجي ٿو. پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن پنهنجي ڀاءُ تي ظلم ۽ زيادتي ڪئي هجي. ان جي عزت خراب ڪئي هجي يا ڪنهن ٻئي معاملي ۾ ان جي حق تلفي ڪئي هجي تہ ان کي گهرجي تہ اڄ ئي ۽ هن ئي زندگي ۾ ان سان معاملو حل ڪرائي ڇڏي. آخرت جي ان ڏينهن جي اچڻ کان پهريان جڏهن ان وٽ ادا ڪرڻ جي لاءِ دينار ۽ درهم ڪجهہ بہ نہ هوندا. جيڪڏهن ان وٽ نيڪ عمل هوندا تہ ان جي ظلم برابر مظلوم کي ڏنا ويندا ۽ جيڪڏهن اهو نيڪين سان بہ خالي هٿين هوندو تہ مظلوم جا ڪجهہ گناهہ ان تي وڌا ويندا.

(دیکھئے:بخاری،2/128،حدیث:2449)

بيهقي جي حديث ۾ سندن ارشاد آهي. گناهن جي هڪ فهرست اها آهي جنهن کي اللّٰہ پاڪ انصاف کان علاوه نہ ڇڏيندو. اهي ٻانهن جا هڪٻئي تي ظلمَ ۽ حق تلفيون ۽ زيادتيون آهن. انهن جو بدلو ضرور ڏياريو ويندو. (دیکھئے:شعب الایمان،6/52،حدیث:7474)

## قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري آهي:

﴿اِنَّ اللّٰهَ یَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَ الْاِحْسَانِ﴾ **ترجمو ڪنزالعرفان**: بيشڪ اللّٰہ انصاف ۽ احسان جو حڪم فرمائي ٿو.۔(پ14،النحل:90)

﴿اِنَّ اللّٰهَ یَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰۤى اَهْلِهَاۙ-﴾ ترجموڪنزالايمان: بيشڪ اللّٰہ توهان کي حڪم ڏئي ٿو تہ امانتون جن جون آهن انهن جي حوالي

ڪريو.(پ5،النسآء:58)

انهن ٻنهي آيتن جو دائرو تمام وسيع آهي ۽ ان ۾ هر قسم جا معاملات چاهي انهن جو تعلق معاش ۽ مال ڪان هجي يا باهمي تڪرار سان، جيئن تجارت، قرض، هبہ، وصيت، قضا، شهادت، وڪالت ۽ محنت ۽ مزدوري انهن معاملن ۾ عدل ۽ انصاف سان ڪم ونڻ ۽ امانت ۽ ديانتداري ڪي قائم رکڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اهڙي طرح امانت جو تعلق رڳو مالي شين ئي ڪان ناهي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي بلڪ قانوني، اخلاقي ۽ مالي امانت تائين وسيع آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو راز اوهان ڪي معلوم آهي تہ ان ڪي لڪائڻ ۽ ان ڪي رسوائي ڪان بچائڻ بہ امانت آهي. ڪنهن مجلس ۾ اوهان ٻين جي متعلق ڳالهيون ٻڌيون تہ انهن ڪي انهيءَ مجلس تائين محدود رکڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جو فتنو ۽ فساد ٿيڻ جو باعث نہ بڻجڻ بہ امانت آهي ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن جو ملازم آهي تہ ان ڪي نوڪري جي شرطن جي مطابق پنهنجي ذميداري ڪي محسوس ڪرڻ ۽ ان ڪي انجام ڏيڻ بہ امانت آهي.

قرآن مجيد ۾ چڱي مزدور جي تعريف”الْقَوِيُّ الْاَمِيْن “ جي الفاظ سان بيان ڪئي وئي آهي. جنهن جو حاصل اهو آهي تہ مزدور ۾ ٻن صفتن جو هجڻ ضروري آهي. پهرين اها تہ اهو طاقتور هجي يعني جنهن ڪم جي ڪرڻ جي ان ذميداري قبول ڪئي آهي. ان ڪم ڪي ڪري سگهي. ٻي اها وصف تہ امين هجي يعني امانت ۽ ديانتداري سان ڪم ڪري. ۽ پنهنجا فرض پوري ذميواريءَ سان ادا ڪري. اڄ جي دور ۾ مزدور ۽ ڪارخاني جي مالڪ (ڪمپني جي مالڪ) جي وچ ۾ تڪرار خطرناڪ موڙ تي پهچي ويندو آهي. ان جو سبب اهو

آهي تہ مزدور پنهنجي ذميواري جو احساس نہ ناهن ڪندا ۽ ڪم ڪرڻ کان بغير وڌ کان وڌ معاوضو ۽ مراعتون (رعايتون) گهرندا آهن ۽ ڪارخاني جا مالڪ مزدور کي ان جي پوري اجرت ڏيڻ کان بهاني بازي ڪندا آهن ۽ ملازمت جي شرطن جو لحاظ ناهن رکندا.
جڏهن تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مزدور جا حق ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ فرمايو آهي تہ مزدور جي مزدوري ان جو پگهر سُڪڻ کان پهريان ادا ڪيو.(ابن ماجہ،3/162،حدیث:2443)

۽ بخاري شريف جي حديث ۾ آهي تہ: اللّٰہ تعالىٰ فرمائي ٿو تہ ٽي ماڻهو اهي آهن جن جو قيامت جي ڏينهن مان خصم هوندس. يعني انهن کان مطالبو ڪندس. هڪ اهو جنهن منهنجو نالو وٺي معاهدو ڪيو. پوءِ ان معاهدي (واعدي) کي ٽوڙي ڇڏيو. ٻيو اهو آهي جنهن آزاد کي وڪڻيو ۽ ان جي قيمت کاڌائين. ٽيون اهو آهي جنهن ڪنهن مزدور کي ڪم تي رکيو ۽ ان کان پورو ڪم ورتو ۽ ان جي مزدوري نہ ڏني.(بخاری،2/52،حدیث:2227)

بهرحال سماج ۾ توازن ۽ اعتدال جي قيام ۽ سماجي ٽڪراءَ جي مڪمل خاتمي لاءِ ضروري آهي تہ مزدور ۽ ڪارخاني جو مالڪ هڪ ٻئي جي حقن جا خيال رکن ۽ ان سلسلي ۾ اللّٰہ تعالىٰ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏنل هدايتن تي مڪمل ايمانداري سان عمل ڪن.

محمد جاويد عطاري مدني



# مسواڪ (ڏندڻ) جا فائدا ۽ برڪتون

الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد عربي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "تَسَوَّكُوا" يعني مسواڪ (ڏندڻ) کي لازم ڪري وٺو.
(ابن ماجہ، ج1، ص186، حديث: 289)

پيارا ٻارو! اسان جي پياري دينِ اسلام ۾ صفائي سترائي کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، ايتري تائين جو هڪ حديث ۾ صفائي کي اڌ ايمان فرمايو ويو آهي. (مسلم، ص115، حديث: 534) اسان جو پيارو دين نظافت ۽ سترائي جي هر پهلوءَ ۾ اسان جي تربيت ڪري ٿو. اهڙي طرح وات جي صفائيءَ لاءِ اسان جي پياري نبي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي قول ۽ عمل سان مسواڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

صفائي ۽ سترائي کان علاوه بہ مسواڪ جا ڪيترائي فائدا آهن، مسواڪ ڪرڻ الله ۽ رسول جي رضا ۽ خوشنودي جو سبب آهي، وضو کان پهريان مسواڪ ڪرڻ سنت آهي، وضو کان اڳ مسواڪ ڪرڻ سان نمازن جو ثواب وڌي ويندو آهي. مسواڪ ڪرڻ سان يادداشت مضبوط ٿيندي آهي مسواڪ وات ۽ ڏندن جي صفائي جو ذريعو آهي، مسواڪ معدي ۽ پيٽ جي ڪيترين ئي بيمارين لاءِ شفا آهي. مسواڪ اسان جي پياري نبي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سنت آهي.

پيارا ٻارؤ! اوهان بہ هن سنت تي عمل ڪريو ۽ مسواڪ ڪرڻ کي

پنهنجو معمول بڻايو. خاص طور تي صبح جو اُٿڻ کان بعد ۽ رات ۾ سمهڻ کان پهريان ۽ وضو کان اڳ مسواڪ ڪريو، سنت تي عمل جو ثواب ملڻ سان گڏوگڏ وات ۽ ڏندن جي صفائي بہ ٿي ويندي آهي ۽ ايئن ڪيترين ئي بيمارين کان حفاظت بہ ملندي آهي .

الله پاڪ اسان کي اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سنتن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ



# يعفور جون ڳالهيون

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفقت ۽ مهرباني رڳو انسانن تائين ئي محدود نہ هئي بلڪ ڪيئي ڀيرا بي زبان جانورن کي بہ شفقت ۽ عنايتن مان خوب حصو مليو، اچو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مهرباني ۽ رحمت ڀريو هڪ واقعو ملاحظ ڪيو جنهن ۾ ضمني طور هڪ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزي جو بہ ذڪر آهي:

رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن خيبر فتح فرمايو تہ هڪ ڪارو گڏهہ سندن بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان گفتگو فرمائي ۽ ان (گڏهہ) بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گفتگو ڪئي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان پڇيو: تنهنجو ڇا نالو آهي؟ ان عرض ڪيو: يزيد بن شهاب پوءِ ان ٻڌايو تہ ”منهنجي ابن ڏاڏن جي نسل مان الله پاڪ سٺ اهڙا گڏهہ پيدا فرمايا آهن جو جيڪي صرف ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي ئي سواري بڻيا آهن، منهنجي خواهش هئي تہ اوهان مون کي پنهنجي سواري بڻجڻ جو شرف عطا ڪيو، اسان جي نسل مان مون کان سواءِ ڪو بہ ناهي بچو ۽ انبياء ۾ اوهان کان بعد هاڻي ڪو بہ ناهي، اوهان کان پهريان هڪ يهودي منهنجو مالڪ هو، مان ان کي ڄاڻي واڻي ڪيرائي ڇڏيندو هئس اهو مون کي بک تي رکندو هو ۽ ماريندو هو.“ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي کان تنهنجو نالو يعفور آهي، رسولِ ڪريم جڏهن ان کي ڪنهن شخص ڏانهن موڪليندا هئا تہ

هو ان جي دروازي تي پهچي ڪري پنهنجي مٿي جي ذريعي دستڪ ڏيندو(دروازو کڙڪائيندو) هو، جڏهن گهر جو مالڪ ٻاهر نڪري ايندو هو ته يعفور پنهنجي مٿي جي اشاري ڪان چوندو هو ته هلو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ حاضري ڏيو. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري وصال ڪان بعد هي يعفور ابي هيثم نالي کوهه تي ويو ۽ مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏک ۾ ان کوهه ۾ پاڻ کي ڪيرائي ڇڏيو. (خصائص کبریٰ،107/2)

## هن واقعي مان ڪجهه ڳالهيون واضح ٿين ٿيون:

جانور جي ٻولي سمجهي وڃڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي معجزن مان آهي ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳالهه جانورن جي سمجهه ۾ اچي وڃڻ به پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ئي معجزو آهي.

رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو عشق نصيب ٿيڻ هڪ الله پاڪ جي نعمت آهي ملٽي هجي ته بي زبان جانورن کي به ملي ويندي آهي ۽ نه ملٽي هجي ته ڪجهه انسان به محروم رهجي ويندا آهن جنهن کي ملي اهو خوش نصيب جنهن کي نه ملي اهو وڏو بدنصيب آهي.

جانورن کي به پهچان ڏيڻ جي لاءِ انهن جو معروف نالو رکي سگهجي ٿو جيئن قابلِ اعتماد ڪتابن ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مختلف سوارين جا نالا پيش ڪيا ويا آهن جيئن رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي گهوڙن جا نالا لَحِيّف، ظَربِ، لِزَاز، سَڪبِ، سندن پلاڻ جو نالو داجِ، خچر جو نالو دُلدُل ڏاچيءَ جو قصواء جڏهن ته گڏهه جو نالو يعفور هو.(معجم الکبیر للطبرانی،92/11،حدیث:11208)

هن دور ۾ گڏهه جي سواري جو رواج جيتوڻيڪ تمام گهٽ رهجي

ويو آهي، پر ياد رهي تہ سڀ کان آخري نبي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي سواري جو شرف بخشيو آهي، تنهنڪري ان سواري جي باري ۾ ڪا مناسب ڳالهہ نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ حديث پاڪ ۾ ان سواري جو هي امتيازي شان بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ ان تي سواري ڪرڻ کان تڪبر کان نجات ملندي آهي.(شعب الايمان،5/153،حديث:6161)

حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي برڪت سان يعفور کي اهڙي سمجهہ جي نعمت عطا ٿي جو هو ڪنهن پريشاني جي بغير متعلقہ صحابيِ رضی اللہ عنہ جي دروازي تي پهچي ڪري حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي انهن کي گُهرائي آڻيندو هو.







# مرغي [ڪڪڙ] جو گوشت

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غذائن ۾ مرغي (ڪُڪڙِ) جو گوشت بہ شامل آهي. مرغي (ڪُڪڙِ) جي گوشت ۾ اعليٰ معيار جي غذائيت هوندي آهي انهيءَ ڪري اها هڪ پسنديده ۽ عام طور وڏي عرصي تائين ڪاڌي ويندڙ غذا آهي. لذت ۽ آساني سان ملڻ جي ڪري هي سڄي دنيا ۾ مقبول ۽ عام غذا آهي جيڪا تقريبن هر سماج ۽ ثقافت ۾ غذا جو حصو آهي. ان جو گوشت نرم ۽ ملائم هوندو آهي. ان کي انگريزي ۾ ”Chicken“ ۽ جڏهن تہ عربي ۾ ”لَحمُ الدَّجَاجَةِ“ چئبو آهي. گوشت جيان ڪڪڙِ جا آنا بہ سڄي دنيا ۾ مقبول غذا جو درجو رکندا آهن.

## مرغي (ڪُڪڙِ) جي گوشت جو مزاج ۽ تاثير:

جوان ڪڪڙِ جو گوشت پهرين مرحلي جي آخر ۾ گرم ۽ رطوبت اعتدال سان رکندو آهي، جڏهن تہ ڪڪڙَ جي گوشت ۾ گرمي مرغي(ڪڪڙِ) ڪان گهٽ ۽ خشڪي وڌيڪ هوندي آهي.

(خزائن الادویہ، 3/685)

ڪڪڙ جي گوشت بابت حديثون: ڪڪڙ جي گوشت جو ذڪر ڪيترين ئي حديثن ۾ آيو آهي. اچو انهن مان ڪجهه مبارڪ حديثون ملاحظه ڪيو:

1: هڪ صحابي جو بيان آهي ته اسان حضرت ابو موسيٰ اشعري رضی اللہ عنہ جي پرسان وينا هئاسين ته هڪ ڪاڏو آندو ويو جنهن ۾ مرغي(ڪڪڙ) جو گوشت هو ۽ اسان ماڻهن ۾ هڪ ڳاڙهي رنگ جو شخص هو، اهو ڪاڏي جي ويجهو نه آيو ته حضرت ابو موسيٰ اشعري رضی اللہ عنہ ان کي فرمايو ته ويجهو اچو، ڇو ته مون رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي مرغي (ڪُڪڙ) جو گوشت کائيندي ڏٺو آهي.

(بخاری،3/563،حدیث:5518ملخصاً)

2: حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ کان به روايت آهي ته انهن رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي ڪڪڙ جو گوشت کائيندي ڏٺو.

(سبل الہدیٰ والرشاد،7/190)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُ اللہِ علیہ هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ڪڪڙ کائڻ تقويٰ جي خلاف ناهي، الله پاڪ ڏئي ته اعليٰ نعمتون به کائڻ گهرجن، پر پاڻ کي مزيدار غذائن جو عادي نه بڻائڻ گهرجي بلڪ پنهنجي طبيعت کي هر طرح جو عادي رکڻ گهرجي. (مراٰۃ المناجیح،5/663)

3: حضرت ابن عمر رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جڏهن ڪنهن ڪڪڙ کي کائڻ جو ارادو فرمائيندا هئا ته پهريان ان کي پڪڙي ڪجهه ڏينهن تائين ٻڌي رکندا هئا، پوءِ ذبح ڪري ان کي کائيندا هئا. (سبل الہدیٰ والرشاد،7/190)

هي رسول الله ﷺ جي مبارڪ طبيعت جي نفاست ۽ پاڪيزگي هئي. ٻڌي رکڻ جو مقصد هي هوندو هو ته جيڪڏهن اها ڪڪڙ ڪا گندگي وغيره کائيندي هجي ته ان جو اثر ختم ٿي وڃي ۽ ان جي گوشت مان بوء ختم ٿي وڃي. ڪجهه جانور جهڙوڪ ٻڪري، ڳئون ڪڪڙ وغيره ڪچرو ۽ گندگي کائڻ لڳنديون آهن ته جيڪڏهن ڪو اهڙو جانور رسول الله ﷺ جي بارگاهه ۾ ايندو هو ته پاڻ ڪريم ﷺ ان کان پاسو ڪندا هئا ايستائين جو اهو صاف سٿرو گاهه کائڻ لڳندو هو (۽ ان جي گوشت مان گندگي جو اثر ختم ٿي ويندو هو). (امتاع الاسماع، 7/308)

بهارِ شريعت ۾ هن حوالي سان لکيل آهي ته ڪجهه ڳئون، ٻڪريون نجاست کائڻ لڳنديون آهن انهن کي جلّاله چوندا آهن انهن جي بدن ۽ گوشت وغيره ۾ بدبو پيدا ٿي ويندي آهي انهن کي ڪيئي ڏينهن تائين ٻڌي رکو جو نجاست نه کائي سگهن جڏهن بدبو ويندي رهي ته ذبح ڪري کائو اهڙي طرح جڏهن ڪڪڙ گندگي کائڻ جي عادي هجي ته ان کي ڪجهه ڏينهن بند رکو جڏهن اثر ويندو رهي ته ذبح ڪري کائو. جيڪي ڪڪڙيون کليل هونديون آهن انهن کي بند ڪرڻ ضروري ناهي جڏهن ته گندگي کائڻ جون عادي نه هجن ۽ انهن ۾ بدبو نه هجي، ها بهتر اهو آهي ته انهن کي به بند رکي ڪري ذبح ڪيو. ٻڪر (ڇيلو) جيڪو خصي ناهي هوندو اهو اڪثر پيشاب پيئڻ جو عادي هوندو آهي ۽ ان ۾ اهڙي سخت بدبو پيدا ٿي ويندي آهي جو جنهن رستي سان گذرندو آهي اهو رستو ڪجهه دير لاءِ بدبودار ٿي ويندو آهي ان جو به حڪم اهو آهي جيڪو جلّاله جو آهي جو جيڪڏهن ان جي گوشت مان بدبو دور ٿي وئي ته کائي سگهون ٿا نه ته مڪروهه ۽ ممنوع آهي.

(بهارِ شريعت، حصه 15، 3/325)

# ڪڪڙ جي گوشت جا فائدا:

طبي ماهر ڪڪڙ جي گوشت کي هڪ صحت بخش غذا سمجهندا آهن. ان جا ڪجهہ فائدا ملاحظہ ڪيو:

* ڪڪڙ جو گوشت پروٽين سان ڀرپور هوندو آهي جيڪو جسم جي واڌ ويجهہ، هڏن ۽ جوڙن کي مضبوط ڪندو آهي.

* ڪڪڙ جي گوشت ۾ پروٽين تمام گهڻا هوندا آهن جڏهن تہ ڪوليسٽرول تمام گهٽ هوندو آهي، انهيءَ ڪري هي بک کي ڪنٽرول ۾ رکندو آهي ۽ وزن کي گهٽائيندو آهي پڻ هر عمر جي ماڻهن لاءِ مناسب کاڌو آهي.

* ڪڪڙ جو گوشت دل جي صحت لاءِ تمام گهڻو فائدي مند آهي.

هن گوشت ۾ موجود وٽامن جسم جي قوت مدافعت کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي ۽ جسم کي بيمارين سان وڙهڻ جي صلاحيت ڏيندو آهي.

ان جو گوشت ڪوليسٽرول جي سطح کي ڪنٽرول ۾ رکڻ ۽ دل جي بيمارين جي خطري کي گهٽ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي.
ڪڪڙ جي گوشت ۾ فاسفورس ۽ ڪيلشيم موجود هوندو آهي جيڪو هڏن ۽ ڏندن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

ڪڪڙ جي گوشت ۾ موجود وٽامنز ۽ ڪولين دماغي صحت لاءِ تمام ضروري آهن ۽ حافظي ۽ ياداشت کي بهتر بڻائيندا آهن.

(مختلف ويب سائٽ)

نوٽ: مضمون جا سيئي فائدا گهر جي غذا سان پاليل ڪڪڙ جي گوشت سان لاڳاپيل آهن. پڻ هر عذا يا دوا پنهنجي ڊاڪٽر يا حڪيم جي مشوري سان ئي استعمال ڪيو.



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسائل

مفتي محمد قاسم عطّاري

**(1) ٻارن کي پيشاب ڪرائڻ وقت ڪعبي جي طرف جو لحاظ نہ ڪرڻ**

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالمَ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڪجهہ عورتون ننڍن ٻارن کي ڪٽي پيشاب ڪرائينديون عام طور قبلي جو لحاظ ناهن رکنديون، بلڪ پنهنجي آساني يا جڳهہ جي حساب کان قبلي جي طرف رخ ڪري ٻار کي پيشاب ڪرائينديون آهن. ڇا اهو عمل درست آهي؟ يا ٻارن کي بہ قبلي جي طرف کان هٽائي پيشاب ڪرايو وڃي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

ڪعبو شريف اهو مبارڪ گهر آهي جنهن جي شان قرآن مجيد ۾ بيان فرمائي وئي آهي. هن کي ”مبارڪ“ ۽ سڄي جهان جي ”هدايت جو سرچشمو“ ٻڌايو ويو آهي، جيئن ارشاد ٿيو

اِنَّ اَوَّلَ بَیۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِیۡ بِبَکَّۃَ مُبٰرَکًا وَّ ھُدًی لِّلۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۹۶﴾

ترجموڪنز الايمان: بيشڪ سڀ کان پهريون گھرُ جيڪو ماڻهن جِي عبادت لاءِ مقرر ٿِيو اُهو آهي جيڪو مَڪي ۾ برڪت وارو ۽ ساري جهان لاءِ رهنما آهي. (پ4، سورہ اٰلِ عمرٰن:96)

لهٰذا ڪعبي شريف جي انهن عظمتن کي سامهون رکي فقهاءِ ڪرام ڪعبي شريف جي طرف رخ يا پٺ ڪري پيشاب ڪرڻ کي مڪروهِ تحريمي يعني حرام جي ويجهو ۽ گناهه قرار ڏنو آهي، بلڪ ڪعبي جي طرف ٻنهي طرف 45 ڊگري جي اندر به هن حالت ۾ ڪعبي جي طرف چهرو يا پٺ ڪرڻ، ناجائز آهي ۽ جهڙي طرف اهو حڪم بالغ يعني وڏن جي لاءِ آهي، اهڙي طرح جيڪڏهن مرد يا عورت ڪنهن ٻار کي ڪعبي جي طرف پيشاب ڪرائي ته
اهو به شرعي طور ناجائز ۽ گناهه آهي ۽ هي گناهه ان مرد ۽ عورت تي هوندو، ٻار تي نه ڇو ته ٻار ته غير مڪلّف ۽ ناسمجهه آهي.

هتي هڪ شرعي قانون ياد رکو ته بالغ جو ڪنهن نابالغ کي هر اهو ڪم ڪرائڻ، ناجائز ۽ گناهه آهي، جنهن ڪم جو ڪرڻ پاڻ ان نابالغ جي بالغ هجڻ جي صورت ۾ ان تي حرام هجي. يعني جيڪڏهن اهو پاڻ بالغ هجي ها ته ان کي اهو ڪم ڪرڻ، جائز نه هجي ها ته ان جي نابالغي جي صورت ۾ ڪنهن بالغ کان اهو ڪم ڪرائڻ، جائز ناهي. فقهاءِ ڪرام ان جون مختلف مثالون بيان ڪيون آهن. (1) نابالغ ڇوڪري کي سون جي مندي پارائڻ. (2) نابالغ ڇوڪري کي ريشمي لباس پارائڻ. (3) نابالغ کي شراب پيئارڻ. (4) نابالغ ڇوڪري جي هٿن يا پيرن تي مينڏي لڳائڻ. (5) ۽ اهڙيءَ طرح نابالغ کي قِبلي جي طرف پيشاب ڪرائڻ.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

**(2) عورتن جو ڪاري يا ڪا ٻي مينڏي مٿي تي لڳائڻ**

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالمَ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڇا عورت ڪاري مينڌي يا ڪا ٻي مينڌي مٿي جي وارن تي لڳائي سگهي ٿي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

وارن کي رنڱڻ جي باري ۾ عورت جي لاءِ بہ اهو ئي شرعي حڪم آهي جيڪو مرد لاءِ آهي يعني وارن کي ڪارو ڪرڻ چاهي ڪاري رنگ سان هجي يا ڪاري مينڌي سان هجي، مردن ۽ عورتن ٻنهي لاءِ ناجائز ۽ حرام آهي. البت جهاد جي حالت ۾ مجاهد لاءِ وارن کي ڪارو ڪيس (رنگ) ڪرڻ جائز آهي. رهيو ڪاري رنگ کان سواءِ ڪو ٻيو رنگ ڪرڻ! تہ ان جي تفصيل اها آهي تہ مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ اڇي وارن کي مينڌي سان رنڱڻ مستحب آهي ۽ مينڌي ۾ ڪتم نالي گاھ جا پن ملائي ڪري ڳهري ڳاڙهي رنگ جو خضاب لڳائڻ وڌيڪ بهتر آهي ۽ ڦڪو رنگ ان کان بہ بهتر آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا (نومبر 2024)

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ماڻھو سڀني کان پھريون تحفو پنھنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آھي لھٰذا ان کي گھرجي تہ ان جو چڱو نالو رکي. (جمع الجوامع،285/3،حديث:8875) ھتي ٻارن ۽ ٻارڙين جي لاءِ 6 نالا، انھن جي معنيٰ ۽ نسبتون پيش ڪيون پيون وڃن.

### ٻارن جا 3 نالا

| نالو | پڪارڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | ماجد | | رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو مبارڪ |
| محمد | حَشْمت | (حشمت جي معنيٰ آھي) شان و شوڪت | مشھور عالمِ دين مولانا حَشمت علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه |
| محمد | مسعود | (مسعود جي معنيٰ) آھي خوش نصيب | مشھور وليُ الله حضرت سيدنا بابا فريد الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه |

### ٻارڙين جا 3 نالا

| | | | |
|---|---|---|---|
| | رُميثہ | زرخيز زمين | صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بابرڪت نالو |
| | مطيعہ | فرمانبردار عورت | صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بابرڪت نالو |
| | زينت | خوبصورتي، سجاوٽ | حديث جي راويہ سيدتنا زينت بنتِ ابي طُلَيق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيها جو نالو |

(جن وٽ ڌيءُ يا پٽ جي ولادت ٿئي اھي چاھين تہ ھنن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو ھڪ نالو رکن.)

# وظائف



## 100 حج جو ثواب

آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن صبح ۽ شام 100، 100 پيرا ”سُبْحٰنَ اللّٰه“ پڙهيو تہ اهو 100حج ڪرڻ واري جيان آهي.(ترمذي،288/5،حديث:3482)



## بيماري ڪان حفاظت

يَا مَاجِدُ 10 پيرا پڙهي شربت وغيره تي دم ڪري جيڪو بہ پيئندو تہ اِن شاءَ اللّٰه (سخت) بيمار نہ ٿيندو. (40 روحاني علاج، ص9)

نوٽ: وظيفي جي شروع ۽ آخر ۾ ٽي ٽي پيرا درود شريف پڙهڻو آهي.



## هاڻِي ٿينديون مَن جون مرادون پوريون اِن شاءَ اللّٰه

جيڪو روزانو "يَا رَافِعُ" 20 پيرا پڙهندو ان شاءَ اللّٰه ان جي مراد پوري ٿيندي.

(مدني پنج سوره، ص 249)




## غربت ڪان ڇوٽڪاري جو انتهائي آسان نسخو

جيڪو غريب ۽ نادار ”يَامَلِكُ“ روزانو 90 پيرا پڙهندو ان شاءَ اللّٰه غربت ڪان ڇوٽڪارو ملندو.

(مدني پنج سوره، ص 246)

# رجب جا ڪوندا

حضرتِ علامہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: رجب جي مهيني ۾ ڪجھ هنڌن تي حضرتِ (سَيِدُنا) امام جعفر صادِق رحمۃُ اللہِ علیہ جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ ڪيرڙي جا ڪوندا تيار ڪيا ويندا آهن، اهو به جائز آهي پر ان ۾ به ڪن ماڻهن پابندي لڳائي رکي آهي اها اجائي پابندي آهي. ان ڪوندن جي باري ۾ هڪ ڪتاب به آهي جنهن جو نالو ”داستانِ عجيب“ آهي، ان موقعي تي ڪي ماڻهو هن ڪي پڙهائيندا آهن ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ لکيل آهي ان جو ڪو به ثبوت ناهي اهو نہ پڙهيو وڃي، فاتحہ پڙهي اِيصالِ ثواب ڪيو. (بهار شريعت،حصہ 16، 643/3)